SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 2001

نوڪري کان برطرفي (خاص اختيار) (ترميم) سنڌ آرڊيننس، 2001

THE REMOVAL FROM SERVICE (SPECIAL POWERS) (AMENDMENT) SINDH ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance IX of 2000

3. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعہ 5 جي تبديلي
Substitution of section 5 of Sindh Ordinance IX of 2000

4. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعہ 6 جي ترميم
Amendment of section 6 of Sindh Ordinance IX of 2000

5. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Ordinance IX of 2000

6. 2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Ordinance IX of 2000

سنڌ آرڊيننس نمبر XVII مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.XVII OF 2001

نوڪري کان برطرفي (خاص اختيار) (ترميم) سنڌ آرڊيننس، 2001

THE REMOVAL FROM SERVICE (SPECIAL POWERS) (AMENDMENT) SINDH ORDINANCE, 2001

[19 مئي 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي نوڪري کان برطرفي (خاص اختيار) سنڌ آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ نوڪري کان برطرفي (خاص اختيار) سنڌ آرڊيننس، 2000 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي نوڪري تان برطرفي (خاص اختيار) (ترميم) سنڌ آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (1) جي شق (c) جي ذيلي شق (iv) ۽ دفعہ 5 جي ذيلي دفعہ (5) جون گنجائشون 30 آگسٽ 2000 کان لاڳو سمجهيون ويندیون.

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance IX of 2000

2. نوڪري کان برطرفي (خاص اختيار) سنڌ آرڊيننس، 2000 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾:

(a) هاشيءَ واري نوٽ ۾، لفظن ۽ ڪاما "برطرفي، معطلي" لاءِ لفظن ۽ ڪامائن "هٽائڻ، برطرفي ۽ لازمي رٽائرمينٽ" کي متبادل بڻايو ويندو؛

(b) شق (a) ۾، ٻيهر ايندڙ سيمي ڪولن ۽ لفظ "يا" لاءِ لفظن ۾ سيمي ڪولن "يا عادي طور تي بنا اڳواٽ موڪل جي منظوري جي غير حاضر رهڻ جو ڏوهي آهي؛ يا" کي شامل ڪيو ويندو.

(c) شق (c) ۾:

(i) ذيلي شق (i) ۾، لفظ "وسيلا" لاءِ لفظ "ذريعا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(ii) ذيلي دفعہ (iii) کانپوءِ هيٺين نئين ذيلي شق کي شامل ڪيو ويندو:

"(iv) هي وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون موجب پلي بارگيننگ ۾ شامل ٿيو آهي ۽ اثاثا يا ڪرپشن يا ڪرپٽ عملن ذريعي حاصل ڪيل حاصلات واپس ڪيا آهن، يا"

(d) شق (e) ۾، لفظن "سرڪاري گزيٽ" لاءِ لفظ "لکت" کي

متبادل بڻايو ويندو.

(e) شرطيہ بيان کي ختم ڪيو ويندو.

(2) ذيلي دفعہ (2) لاءِ هيٺين کي متبادل بڻايو ويندو، يعني:

"(2) ذيلي دفعہ (1) تحت ڪو حڪم جاري ڪرڻ کان اڳ، مجاز اختياري:

(a) لکت ۾ حڪم ذريعي الزام هيٺ آيل شخص کي ان قدم جي زميني حقيقتن کان آگاهہ ڪندي؛ ۽

(b) ان کي اهڙو قدم کڻڻ کان اڳ ستن ڏينهن اندر يا اهڙي اضافي عرصي دوران، جيئن اٿارٽي طئي ڪري، سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم ڪندي؛

بشرطيڪ اهڙو ڪو بہ موقعو فراهم نہ ڪيو ويندو جيڪڏهن مجاز اٿارٽي مطمئن آهي تہ پاڪستان ۽ ان جي ڪنهن حصي جي تحفظ جي مفاد ۾ اهڙو موقعو ڏيڻ ضروري نہ آهي.

بشرطيڪ وڌيڪ تہ اهڙو ڪو بہ موقعو فراهم نہ ڪيو ويندو، جتي الزام هيٺ آيل نوڪري مان هٽايل يا برطرف ڪيل يا هلت چلت جي بنياد تي عهدي ۾ گهٽايل آهي، جنهن کي ڏنڊ يا قيد جي سزا ڏني وئي آهي يا جتي مجاز اختياري مطمئن آهي تہ لکت ۾ سبب رڪارڊ ڪيا ويا آهن ۽ الزام هيٺ آيل کي سبب ڄاڻائڻ جو موقعو ڏيڻ ضروري ناهي.

(3) وقت کان اڳ مالزمت کان هٽائڻ يا برطرفي يا هيٺين عهدي تي تنزلي يا ذيلي دفعہ (1) تحت ڪنهن شخص جي پي اسڪيل ۾ گهٽتائي اهڙي ماڻهو کي ڪنهن سزا کان ڇوٽ نہ ڏيارينديِ جنهن ملازمت دوران ڪنهن قانون تحت

ڪو ڏوهه ڪيو هجي.".

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 5 ۾، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعه 5 جي تبديلي

Substitution of section 5 of Sindh Ordinance IX of 2000

"5.(1) (جاچ آفيسر يا جاچ ڪميٽي مقرر ڪرڻ جو اختيار) ذيلي دفعه (2) جي گنجائشن موجب، مجاز اختياري ذيلي دفعه 3 تحت حڪم جاري ڪرڻ کان اڳ هڪ جاچ آفيسر يا جاچ ڪميٽي مقرر ڪندي تہ جيئن سرڪاري ملازمت ڪندڙ ماڻهو يا ڪارپوريشن سروس ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو جي ڪم جي جاچ پڙتال ڪري، جنهن تي ڪي قدم يا دفعه 3 ۾ ڄاڻايل منع ڪيل شيون ڪرڻ جو الزام اهي، جاچ آفيسر يا جيئن معاملو هجي، جاچ ڪميٽي:

(a) الزام هيٺ آيل سان الزامن ۽ مجاز اختياري طرفان جاچ جي سلسلي ۾ جاري ڪيل حڪم ۾ ڄاڻايل الزامن جي بيان تي ڳالهه ٻولهه ڪرڻ؛

(b) الزام هيٺ آيل شخص کان آگاهي بعد ستن ڏينهن اندر دفاع لاءِ لکت ۾ جواب طلب ڪرڻ؛

(c) الزام جي سلسلي ۾ جاچ ڪرڻ ۽ الزام جي سلسلي ۾ اهڙي زباني ۽ ڪاغذي شاهدي وٺڻ يا الزام هيٺ آيل جي دفاع ۾ جيئن مناسب هجي ۽ الزام هيٺ آيل کي شاهد کان سوال پڇڻ جو حق حاصل هوندو؛ ۽

(d) روزاني بنيادن تي ڪيس ٻڌو ويندو ۽ ڪا بہ معطلي نہ ڪئي ويندي سواءِ ڪو خاص سبب هجڻ جي، جيڪو لکت ۾ رڪارڊ ڪيو ويندو ۽ مجاز اختياري کي آگاهي ڏني ويندي.

(2) جتي جاچ آفيسر، يا جيئن معاملو هجي، جاچ ڪميٽي مطمئن آهي تہ الزام هيٺ آيل رڪاوٽ وجهي رهيو آهي، يا رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، جاچ جي پروگريس جي سلسلي ۾ تہ اهو ان سلسلي ۾ حقيقت درج ڪندو ۽ جاچ جي ڪارروائي کي ان طريقي ختم ڪندو، جيئن اهو انصاف جي گهرجن موجب مناسب سمجهي.

(3) جاچ عملدار، يا جيئن معاملو هجي، جاچ ڪميٽي پنهنجا ثبوت ۽ تجويزون جاچ جي آگاهي کان پنجويهہ ڏينهن اندر مجاز اختياري حوالي ڪندي.

(4) مجاز اختياري ذيلي دفعہ (1) تحت ڪيل جاچ جي سلسلي ۾ جيڪڏهن ان ۾ الزام هيٺ آيل خلاف يا سبب لکت ۾ رڪارڊ ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪافي ڪاغذي شاهدي موجود آهي، اها مطمئن آهي تہ ان سلسلي ۾ ڪا جاچ ڪرائڻ جي ضرورت نہ آهي.

(5)جيڪڏهن ڪو شخص وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون تحت پلي بارگيننگ ڪرڻ چاهي ٿو ۽ رضاڪاراڻي طور تي ڪرپشن ۽ ڪرپٽ عملن ذريعي حاصل ڪيل اثاثا ۽ حاصلات واپس ڪرڻ چاهي ٿو، تہ پوءِ جاچ جو حڪم نہ ڏنو ويندو.

بشرطيڪ اهڙي پلي بارگيننگ جي بنياد تي اهڙي شخص کي تجويز ڪيل قدم جي حوالي سان سبب ڄاڻائڻ جو نوٽيس جاري ڪيو ويندو.

نوٽيس ملڻ جي پندرنهن ڏينهن اندر جواب ڏيندو، جواب ملڻ تي، مجاز اختياري حڪم جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي.

4.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 6 ۾: (a) حاشيءَ ۾ آيل نوٽ ۾، لفظ "جو" کانپوءِ لفظن "جاچ عملدار يا" کي شامل ڪيو ويندو: ۽ (b) لفظ "The" کانپوءِ لفظن "جاچ آفيسر يا" کي شامل ڪيو ويندو: ۽	2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعہ 6 جي ترميم Amendment of section 6 of Sindh Ordinance IX of 2000
5. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 7 ۾: (a) هاشيءَ اندر نوٽ ۾، لفظ "The" کانپوءِ، لفظن "جاچ عملدار يا" کي شامل ڪيو ويندو: ۽ (b) لفظ "The" کانپوءِ، لفظن "جاچ عملدار يا" کي شامل ڪيو ويندو: ۽ (c) ڪامائن ۽ لفظ "، بشمول،" لاءِ لفظ "لاءِ" کي متبادل بڻايو ويندو.	2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعہ 7 جي ترميم Amendment of section 7 of Sindh Ordinance IX of 2000
6.ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 8 ۾، لفظن "جاچ ڪميٽي" لاءِ لفظن ۽ ڪامائن "جاچ عملدار يا، جيئن معاملو هجي، جاچ ڪميٽي" کي شامل ڪيو ويندو.	2000 جي سنڌ آرڊيننس نمبر IX جي دفعہ 8 جي ترميم Amendment of section 8 of Sindh Ordinance IX of 2000

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي